ڊاڪٽر رشد الله شاهه "مخمور بخاري"
اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

# سچل شناسيءَ جي ڦهلاءَ لاءِ ٿيل تحقيق جو جائزو

**Analysis of the Research work carriedout for dissemination of the thoughts of Sachal Sarmast**

*Abstract*

*On the basis of the study of Sindhi Classical Poetry, Sachal Sarmast is considered as Great Poet, having unique style of tonal tradition and he is the founder of said trends from his predecessors. He is the poet of Sindhi, Saraiki, Persian and Rekhta (Urdu) languages. The research and compilation work on his poetry was started in 1880, it is about a period of one hundred and forty years in which his biography, ideology etc was published in different languages like Sindhi, Urdu and English. This paper is a subject-wise study and analysis of the work published in Sindhi, English and Urdu languages. This study will help to identify the research work and its gapes.*

سنڌي ادب ۾ تحقيق جي شروعات ڪي گهڻو وقت نه ٿيو آهي، ادب جي مختلف صنفن، فن، فڪر توڙي لاڳاپيل شخصيتن متعلق ڇنڊ ڇاڻ اوک ڊوک، پرک جي هن عمل جي عمر ڪا گهڻي نه آهي، لڳ ڀڳ ڏيڍ صدي کان ادب ۾ هن لاڙي يا فن / هنر جي ابتدا ملي ٿي ،انگريز دور کان سنڌي ٻولي ۽ گرامر بابت تحقيقي ڪم انگريز عملدارن شروع ڪيو، شروعات ۾ ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام، فن فڪر ۽ شخصيتن متعلق ڇنڊ ڇاڻ جوڪم به انگريز عالم ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ،شاهه جي رسالي جي ترتيب سان شروع ڪيو. جنهن کان پوءِ شاهه سائين بابت ليلارام وطڻ مل، مرزا قليچ بيگ ۽ ٻين ڪم ڪيو .شاهه جي رسالي جي شرح جو اهم ڪم ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي

ڪيو. پاڻ ”شاھ جو رسالو“ مرتب ڪيائون ۽ اُن تي جيڪو مقدمو لکيائون، سو لطيف شناسيءَ جي حوالي سان لڳ ڀڳ هڪ صدي گذرڻ جي باوجود اڄ به نهايت ئي اهم آهي.ساڳي ريت سچل سرمست جي ڪلام جي سهيڙ جي ڪم جا اهڃاڻ اسان کي سال 1883ع کان ملن ٿا. سيد فاضل شاهه پنهنجي ڪتاب ”ڪافين جو وڏو ڪتاب“ ۾ سرمست سائينءَ جون 46 سنڌي سرائڪي ڪافيون هڪ هنڌ شايع ڪيون، جنهن کان پوءِ اڳتي هلي سال 1902ع کان سچل سائينءَ جي ڪلام جي سهيڙ جو ڪم باقاعدي شروع ٿيو ۽ انهن رسالن جي ترتيب وقت مٿن لکيل مقدما اهميت وارا آهن. ٻئي طرف سچل جي شخصيت توڙي فڪر متعلق سنه 1915ع کان پوءِ عالمن قلم کڻڻ شروع ڪيو.

**سچل جي ڪلام جي سهيڙ ۽ ترجمو:**

سچل سرمست سنڌي،سرائڪي ،ريخته ۽ فارسي ۾ شعر چيو ،جنهن ۾ بيت، ڏوهيڙو، دوهو، ڪافي، جهولڻو، گهڙولي، مرثيو، سه حرفي/ ٿيهه اکري، مثنوي، غزل، فرد، قطعو شامل آهن.روايت موجب سندن ڪلام جو تعداد نو لک کان وڌيڪ چيو وڃي ٿو.

**سهيڙ:**

**قلمي نسخا**: اسان کي سچل سائين جي ڪلام جا جيڪي قلمي نسخا ملن ٿا انهن مان ڪي چونڊ هي آهن: 1. سچل سائين جي حڪم سان لکيل ديوان آشڪار، ڪاتب: محمد نشان فقير فاروقي،1240ھ/ 1824ع، 2.بياض شير محمد فاروقي:مرتب: شير محمد ولد محمد ضياءُ الدين، شوال 1245 ه/ 1830ع (هي بياض سچل سائين جي طالب ۽ سنڌي،سرائڪي،هندي جي شاعر نانڪ يوسف جي نگراني هيٺ لکيو ويو)، 3. ديوانِ آشڪار، ڪاتب: محمدشجاع فقيرفاروقي، 1252ه/1836ع، 4.حيدرآباد جي ميرن وارو نسخو، 1291ه/1874ع، 5. ديوان آشڪار ٻيو، ڪاتب: فقير محمد نشان فاروقي،1312ھ/1894ع، 6. ديوان آشڪار، ڪاتب: واحد بخش

فقير، 1312ھ/1894ع،7. مرثين جو بياض، مرتب: فقير محمد موسيٰ، 1316ھ/1898ع، 8. ديوان آشڪار، ڪاتب: حافظ حفيظ اللّٰه 1322ھ/ 1904ع ، 9. ديوانِ آشڪار، ڪاتب: نصير فقير 1328ھ/1910ع، 10. بياض نبي بخش سڪري، مرتب: نبي بخش سڪريٰ،1341ه/1922ع،11.پرچونڊي وارن بزرگن جي لائبريري جي نسخي تان سچل سرمست جون اتاريل ڪافيون، 12. سچل سرمست ۽ ان جي همعصر شاعرن جي ڪلام جو بياض،13. ديوانِ آشڪار، ڪاتب: محمد عارف.

**چاپي رسالا:**

**رسالو سچل سائينءَ جو:** محقق ۽ مرتب : مرزا علي قلي بيگ: سچل سائينءَ جي ڪلام جي سهيڙ جو سڀ کان وڏو، اهم ۽ بنيادي ڪم هن رسالي ۾ ٿيل آهي جيڪو ٻن حصن ۾ سال 1902ع ۽ 1903ع ۾ ميشرس هريسنگهه سنس ڪتبخانه ڇاپخانه سکر جي طرفان ڇپرو ڪيو ويو جنهن جي پهرين حصي ۾ سچل سائينءَ جون سنڌي، سرائڪي توڙي ريختا 1340 ڪافيون ترتيب هيٺ آنديون ويون آهن جن جا سُرَ / راڳ پڻ طئه ڪيل آهن. مختلف راڳن ۾ آسا، گجري، بلاولي، پيروي، ڌناسري، توڏي، جهنگلو، جوڳ، سارنگ، بروو، ڪسوري، تلنگ، پهاڙي، مارئي، پوربي، پيلو، سسئي، ڪوهياري، ديسي، مومل، ڪيڏار، ڪلياڻ، نٽ ڪلياڻ،ڪنڀات، وهاڳ، ڪوئنسيو ۽ مالڪوس شامل آهن.جڏهن ته ٻئي حصي ۾ متفرقه ڪلام جي عنوان هيٺ 10 سه حرفيون، عنوانن هيٺ بيت، ڏوهيڙا، وحدت نامو، جهولڻو وغيره شامل آهن. هن رسالي جي اهميت نه رڳو سچل سائين جي گهڻي ڪلام جي سهيڙ ۽ گهڻي ڀاڱي پڙهڻ جي درست صحت جي سبب آهي پر گڏوگڏ مرتب طرفان لکيل 32 صفحن جو مقدمو تحقيقي حوالي سان پڻ گهڻي اهميت رکي ٿو، ڇاڪاڻ جو هي پهريون موقعو هو جڏهن نه رڳو سچل سائين جي ڪلام جي سهيڙ ڪئي وئي پر سائين جي شخصيت توڙي زندگيءَ جي مختلف حالتن ۽ فاروقي خاندان متعلق ايترو سارو مواد ڇاپي هيٺ آيو. فاضل محقق پنهنجي مقدمي ڪي هيٺين

ننڍن ننڍن عنوانن ۾ ورڇيو آهي جنهن ۾: نالو ۽ نيشان، سندس ڄمڻ ۽ مرڻ جي تاريخ، سندس اصل نسل ۽ شجرو، سندن سنڌ ۾ اچڻ، سندن ننڍي هوندي جا ڏينهن، سندس جواني ۽ شادي، خيرپور جي مير صاحبن سان سندس واسطو، سندس پيري ۽ مريدي، سندس بيماري ۾ موت، سندس شڪل شبيھ ۽ پوشاڪ، سندس هٿ جون شيون، سندس ڪي عادتون ۽ لياقتون، سندس شعر ۽ ڪلام، ڪلام چوڻ جي حالت. هنن ننڍن ننڍن عنوان هيٺ مرزا علي قلي بيگ، سچل سرمست متعلق ان وقت تائين زبان زد ڪيترن ئي روايتن کي نه رڳو محفوظ ڪيو آهي پر ڪٿي ڪٿي انهن جي صحت متعلق پڻ اشارا ڏنا آهن جنهن سان سچل سائينءَ جي متعلق گهٽو مواد نه رڳو هڪ هنڌ محفوظ ٿيو آهي پر انهن جي ڇنڊ ڇاڻ جا بنياد پڻ رکيا ويا آهن.

مرزا صاحب جتي سچل شناسيءَ تي تحقيق جا بنياد رکيا ساڳي وقت سندس لکيل مقدمو به ڇنڊ ڇاڻ گهري ٿو ڇاڪاڻ ته سامهون آيل مواد ۾ سنه جي تضادن يا روايتن جي روشنيءَ ۾ بيان ٿيل واقعن جي صحت ۽ ترتيب طرف ڌيان گهٽ ڏنل نظر اچي ٿو جيڪڏهن اسان ان دؤر ۾ مواد جي گهٽ هئڻ جو تصور به ڪريون ته به مقدمي ۾ آيل مواد جي روشنيءَ ۾ مرزا صاحب جي نتيجن کي نه رڳو پوري طرح سان قبول ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي ساڳي وقت رد ڪري سگهجي ٿو مثال طورص 06 تي قائم ٿيل ننڍي عنوان ”سندس اصل نسل ۽ شجري“ ۾ خواجه صاحبڏني جي ٻن فرزندن ميان صلاح الدين ۽ خواجه عبدالحق جي مسند نشيني متعلق ٻه جدا جدا روايتون آنديون آهن. روايتون آڻڻ بعد ان نتيجي تي آيو آهي ته خواجه عبيدالله جيلاني جي لکيل مسند نشيني جي شجري کي قبول ڪيو آهي جنهن تحت خواجه صاحبڏني جو ننڍو فرزند خواجه عبدالحق ڪانئس پوءِ مسند نشين ٿيندو جڏهن ته صفحي 10 تي قائم ٿيل عنوان ”سندس ننڍي هوندي جا ڏينهن“ ۾ لکي ٿو ته : ”ميان سچل فقير جي پيءُ ميان صلاح الدين جڏهن وفات ڪئي تڏهن هو ننڍو ٻار هو تنهن ڪري ننڍي هوندي کان وٽي هو

پنهنجي چاچي ميان عبدالحق جي سنڀال هيٺ رهيو" (بيگ،1902:10). مقدمي ۾ خواجه صاحبڏني سان شاهه لطيف جي ملاقات جون روايتون پڻ شامل آهن. مرزا صاحب هن مواد ۾ شامل روايتن جي صحت توڙي پنهنجي تجزيي طرف گهٽ ڌيان ڏيندي نظر اچي ٿو چاڪاڻ ته هي مواد سچل شناسيءَ جي حوالي سان سڀ کان پهريون ڇپجندڙ مواد آهي تنهنڪري هن موضوع تي ڪم ڪندڙ محققن جو ڌيان سڀ کان وڌيڪ هن ڪم ڏانهن وڃي ٿو. مقدمي کان اڳتي ڪلام جي طرف جڏهن نهارجي ٿو ته ايئن لڳي ٿو ته مرزا صاحب جو سمورو ڌيان ڪلام جي ترتيب ۽ صحت طرف آهي جيڪا وقتائتي ۽ ڪارائتي ڳالهه نظر اچي ٿي.

**رسالو سچل سائين جو: محقق ۽ مرتب :**مسٽر هيمراج ۽ ميان درمحمد ۽ ٻيا دوست: هي رسالو مسٽر پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب شڪارپور سنڌ جي طرفان سال 1910ع ۾ ڇڏرو ڪيو ويو جنهن جي ٽائيٽل تي لکيو ويو:"هن رسالي ۾ سنڌي ڪافيون ۽ سه حرفيون هر قسم سچل سائين جون پيل آهن".هن ڪتاب ۾ ڪو به مقدمو شامل نه آهي. لڳ ڀڳ سچل سائين جون 731 ڪافيون ترتيب هيٺ آنديون ويون آهن. ڪتاب جي ڇپائيندڙ پوڪرداس پنهنجي پاران لکيل ڪجهه سٽن ۾ هن طرح مخاطب آهي: " شڪرانو آهي ڌڻي صاحب جو سنڌ جي بزرگن جا شعر ۽ ڪلام ڇپيا وڃن ٿا جيئن شيخ سعدي جا ڪتاب طرحين طرحين پريسن ۾ ڇپيا آهن تيئن اسان جي بزرگ سچل سائين جا رسالا ۽ ڪافيون ۽ سه حرفيون به ڪيترائي جدا جدا نمونن ۾ ڇپيا آهن ۽ ڇپبا وڃن ٿا اها سنڌ ملڪ جي ماڻهن جي خوشنصيبي آهي جو سنڌ جو علم هينئر گهڻي ترقي ڪندو ٿو وڃي اميد آهي ته علم جا دوست ڪتاب سنڌيءَ جا خريد ڪري سنڌي ٻوليءَ کي همٿائي سنڌ جو فخر وڌائيندا" (هيمراج،1910:منڍ).

هن رسالي ۾ شامل سچل سائينءَ جو ڪلام مرزا علي قلي بيگ واري رسالي تان گهڻو تڻو نقل ٿيل آهي اهڙي

نشاندهي نامياري عالم ۽ سچل شناس ڊاڪٽر نواز علي شوق پڻ ڪئي آهي.

**سچل سرمست:** محقق ۽ مرتب : آغا غلام نبي گل حسن خان "صوفي": هي ڪتاب آغا صوفي پاڻ سچانند نيونندرام تلريجا سندر بجلي پريس شڪارپور مان سال 1933ع ۾ شايع ڪرايو.هن ڪتاب جي نئين ڇاپي جي مقدمي ۾ راقم جيڪا گفتگو ڪئي آهي ان جو تت هت پيش ڪجي ٿو.

"آغا صوفي هي ڪتاب به خاص هڪ جذبي هيٺ لکي تيار ڪيو. ڊاڪٽر گربخشاڻي جڏهن "شاهه جو رسالو" ٽن جلدن ۾ پڌرو ڪيو ته آغا غلام نبي، ڊاڪٽر صاحب جي هن هڪ جملي تي سخت ناراض ٿيو ته: "سچل وغيره شاه جي دز کي به رسي نه سگهيا آهن." هن جملي حقيقت ۾ آغا ڪان ڪتاب "سچل سرمست" لکايو. "صوفي" صاحب هن ڪتاب کي مکيه ٻن حصن "حيات سرمست" ۽ "ڪلام سچل سرمست" ۾ ورهايو آهي. حصي پهرئين ۾ 3 باب آهن، جن ۾ تصوف ۽ ويدانت، حيات سرمست ۽ راڳ ۽ جڏهن ته ٻئي حصي ۾ سچل سائين جو ڪلام سُر وار شامل ڪيو ويو آهي، جن ۾ ڪافين ڪان بيتن جو تعداد گهٽو وڌيڪ آهي. هن حصي ۾ سُر آسا، گُجري، پيروي، ڪوهياري، سارنگ، راڻو، ڪاريهر، ڪلياڻ، سورٺ، پهاڙي، ڪنڀات، جوڳ ۽ مالڪوس جا بيت ۽ هر سُر جي آخر ۾ به ڪافيون، جنهن ڪان پوءِ متفرقه ڪلام جي سِري هيٺ بيت ۽ متفرقه سنڌي، سرائڪي ڪافيون، اردو شعر ۽ فارسي غزل شامل آهن.جنهن ڪان پوءِ رسالي ۾ ڪم آيل صوفي اصطلاح ڏنا ويا آهن جنهن بعد شرح ۽ معنيٰ جي سِري هيٺ هَر سُر جي ڏکين لفظن جي معنيٰ سان گڏ ڪن بيتن جي سمجهاڻي به ڏني وئي آهي. حقيقت ۾ سچل سائين جي ڪلام کي سمجهڻ لاءِ هن طرح جي هي پهرئين علمي ڪوشش هئي جيڪا گهڻي ڪارگر هئي، آغا صوفي ڪن جاين تي مرزا علي قلي واري رسالي تان مدد ورتي آهي، پر هن رسالي تيار ڪرڻ ۾ سندس محنت ۽ عقيدت پڻ شامل آهي. هن ڪان پهرئين شايع ٿيل ٻنهي رسالن ۾ سچل سائينءَ جون

ڪافيون گهٽي تعداد ۾ آيل آهن، جڏهن ته آغا واري سهيڙ ۾ بيتن جو ڳاٽيٽو جهجهو آهي جيڪو هنن رسالن ۾ ناهن، ساڳي طرح پوئين رسالي ۾ پهرئين پنهي رسالن جي پيٽ ۾ ڪافين جو تعداد بنهہ گهٽ آهي. ڪٿي ڪٿي آغا صاحب، سرمست سائين جي ڪن سرائڪي ڏوهيڙن کي سنڌي بيت جي صورت ۾ پيش پڻ ڪري ويو آهي، جنهن تي عالمن کي اُن حوالي سان اعتراض آهي ته اصل سرائڪي ڏوهيڙي جي شعري حسنائيت متاثر ٿي آهي.”(آغا،34:2015).

ڪتاب ”سچل سرمست“ جا ورق ورائيون ٿا ته هڪ اختلافي معاملو اسان جي سامهون اچي ٿو ته: ”سچل سائين، شاه ڀٽائي کان وڏيڪ سگهارو شاعر آهي“ (آغا،692015: ).

جيتوڻيڪ آغا صاحب هي ڪتاب لکيو ئي ڊاڪٽر گُربخشاڻي جي سبب هو. درازي در جي هڪ بي پناه عقيدت مند مريد جي حيثيت ۾ هن جيڪو پنهي شاعرن جي وچ ۾ موازنو ڪندي لکيو آهي اهو علمي بحث هجڻ باوجود ان تي عقيدت جو رنگ غالب آهي. هن بحث جو مدلل علمي جواب پروفيسر لطف الله بدوي پنهنجي تصنيف ”تذڪره لطفي“ جي پهرئين ڀاڱي ۾ ڏنو آهي.

آغا غلام نبي جو هي بحث شايد علمي ادبي حلقن کي ناموزون محسوس ٿيو ۽ ائين محسوس ٿئي ٿو ته ان ئي سبب هن ڪتاب کي علمي، ادبي حلقن پاران گهربل مڃتا نه ملي سگهي جنهن جو هي ڪتاب حقدار هو.ڪتاب ”سچل سرمست“ پنهنجي موضوع، مضمون، ترتيب ۽ پوليءَ سبب درازي شاه تي هڪ جامع تاريخي دستاويز آهي، تصوف ۽ ويدانت بابت گفتگو لک لهي، هن قسم جو مواد سچل سائين بابت ڇپيل صورت ۾ گهٽ ملي ٿو ته ساڳي وقت جنهن طرح سان راڳ بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي، اها بہ سچل سائين جي ڪلام جي مزاج کي راڳداري جي حوالي سان سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. آغا صاحب خود بہ موسيقي شناس ۽ خوش گِلو هو تنهن ڪري ئي هو ان موضوع تي لکي سگهيو آهي.مجموعي طرح هي ڪتاب

مختلف رخن کان سچل سائين جي حوالي سان گهڻي اهميت وارو آهي.

**عاشقي الهام عرف سچل جو ڪلام**: هاسي ٻائي: هي رسالو سچل سائين جي درگاهه جي هڪ هندو مريدياڻيءَ هاسي ٻائي هندوستان جي شهر ٻڙودا احمد آباد مان سال 1952ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو. ڏٽي در وينتيءَ ۾ هاسي ٻائي عرف نماڻي فقير مرشد سامهون پنهنجي عاجزي ۽ نيازي بيان ڪئي آهي. رسالي ۾ سنڌي,سرائڪي 702 ڪافيون 185 بيت ۽ 5 سه حرفيون شامل ڪيون ويون آهن.

**سچل جو سنڌي ڪلام**: محقق ۽ مرتب :رشيد احمد لاشاري: هي رسالو سال 1958ع ۾ آر ايچ احمد اينڊ برادرس طرفان شايع ٿيو جنهن ۾ سچل سائين جون 445 سنڌي ڪافيون ۽ وحدت نامو شامل آهن جڏهن ته مرغ نامي جي سِري هيٺ مالڪوس وارا سمورا بيت بنا ڪنهن داستانن جي ورڇ جي ڏنا ويا آهن ان کان سواءِ سسئي، مارئي، مومل، نوري، روجهن، پورب، وحدت، حقيقت جي جدا جدا عنوانن هيٺ بيت سهيڙيا ويا آهن. هن رسالي جي شروعات ۾ ڪو به مقدمو شامل نه آهي. جڏهن ته رشيد احمد لاشاري ان کان پوءِ سچل سرمست جي شخصيت، فڪر ۽ فن متعلق اردو ۾ جدا ڪتاب پڻ لکيو.

**رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام)**:محقق ۽ مرتب: عثمان علي انصاري: هن رسالي جو پهريون ڇاپو سال 1958ع ۾سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو، هن ۾ وحدت نامي کان سواءِ وحدت، حقيقت، سسئي، نوري، مارئي، مومل، پورب، روجهن، سارنگ، هير، جوڳ ۽ مالڪوس جي سِري هيٺ سنڌي ڪافيون ۽ بيت سهيڙيا ويا آهن. رسالي جي شروعات ۾ انصاري صاحب طرفان مقدمو شامل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ سوانح حيات کان سواءِ سچل جي فڪر جي بنياد تصوف بابت اهميت ڀري گفتگو ڪئي وئي آهي. هن رسالي ۾ موجود مواد جي ترتيب ۽ صحت متعلق هڪ طرف ڪيتري ئي تنقيد ٿيندي رهي آهي ته ٻئي طرف هن وقت مارڪيٽ ۾ موجود سچل سائين جو

اهو ئي رسالو آهي. راقم هن رسالي جي ٽئين ايڊيشن جي ايڊيٽر طور مواد جي ترتيب جون ڪيتريون ئي درستگيون ڪيون جنهن جو تفصيل چارٽ جي صورت ۾ اُن ايڊيشن جي مُهڙ ۾ ڏنو ويو آهي. جڏهن ته ڪوشش اها رکي وئي آهي ته اڳئين مرتب جي ڪيل ڪم جي اهميت قائم رهي.

**رسالو سچل سرمست (سرائڪي ڪلام)**: محقق ۽ مرتب :مولانا صادق راٽيپوري: هن رسالي جو پهريون ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ طرفان سال 1959ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ سچل سائين جو ڪلام ٽن مکيه عنوانن: حُسن ۽ عشق، هير رانجهو ۽ تصوف جي سِري هيٺ ورڇيو ويو آهي. مُهڙ ۾ مولانا راٽيپوري طرفان تفصيلي مقدمو شامل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ سچل سائين جي حسب نسب، سنڌ ۾ اچڻ، بزرگن جي پيري مريدي، ولادت ۽ وصال، صغيري ۽ جوانيءَ جو احوال، حليو لباس ۽ سيرو سفر جو ذڪر، رياست خيرپور جي ٽالپور حاڪمن سان تعلقات کان ويندي سندس طالبن جي احوال سان گڏ ڪلام جي فڪر متعلق پڻ گفتگو ڪئي وئي آهي. مقدمي جي سوانح واري حصي ۾ آيل مواد گهڻو تڻو روايتن تي مبني آهي جنهن جي چند ڇاڻ وارو پاسو ڪمزور محسوس ٿئي ٿو تنهن هوندي به مقدمي ۾ شامل مواد سچل شناسي جي حوالي سان گهڻي معلومات مهيا ڪري ٿو خاص طور سچل جي سوانح جي حوالي سان مرزا علي قلي جي مقدمي ۾ شامل مواد کان پوءِ راٽيپوري جي مقدمي مان ڪجھ وڌيڪ معلومات ملي ٿي. هن رسالي جي مواد جي ترتيب ۽ صحت متعلق پڻ اعتراض موجود آهي راقم هن رسالي جي ٽئين ايڊيشن جي ايڊيٽر طور مواد جي ترتيب تي خاصو توجھ ڏنو آهي ۽ اهڙو تفصيلي ذڪر چارٽ جي صورت ۾ ان ايڊيشن جي شروعات ۾ ڏنو ويو آهي.

**سچل جون سه حرفيون** : سچل سائين جي اڳ ڇپيل رسالن ۾ موجود سه حرفيون/ٽيھ اکريون ڊاڪٽر آزاد قاضي جدا سان ترتيب ڏئي ان جي فن فڪر بابت سير حاصل مقدمو لکيو،جنهن کي سچل چيئر سال2008ع ۾ شايع ڪيو.

**سچل سرمست جو مرثيو** : سچل سائين جي چيل مرثيي بابت ڪيترن ئي محققن لکيو آهي ته :”سچل سرمست مرثيو پڻ چيو آهي“ (حامي،2013: 42 ) پر ڪنهن بہ محقق مرثيو نموني خاطر بہ پيش نہ ڪيو ۽ نہ ئي ڪنهن بہ ڇاپي رسالي ۾ شامل ٿيل آهي،راقم کي هن موضوع تي تحقيق ڪندي ڪن قلمي بياضن ۾ سچل سائين جا مرثيا نظر مان گذريا جنهن طرف پوءِ خاص توجهہ ڏني وئي،قلمي نسخن جي پيٽا پيٽي کان پوءِ 105 بندن جو فقط هڪ مرثيو سچل سرمست جو ثابت ٿيو جيڪو مسدس جي شعري هيئت ۾ چيل آهي ،جنهن کي پهريون ڀيرو ڇنڊڇاڻ کان پوءِ ترتيب ڏئي مٿس مقدمو لکيو ويو. هي مرثيو ثقافت کاتي طرفان سال2014ع۾ شايع ڪيو ويو.

سچل جي سنڌي ، سرائڪي ۽ اردو ڪلام جا ڪجهہ ٻيا نسخا پڻ ڇپجي سامهون آيا آهن جن ۾ قاضي علي اڪبر درازي جا ترتيب ڏنل: ”**انتخاب سنڌي ڪلام**“، ”**انتخاب سرائڪي ڪلام**“، ”**انتخاب اردو ڪلام**“، ”**سچل جا سنڌي بيت**“ (مرتب: حڪيم خليفہ عبدالمجيد چانڊيو)، ”**ڪلام سچل سرمست**“ (سرفراز احمد راهي)، محمد اسلم رسولپوريؔ جو: ’”**منتخب سرائڪي ڪلام حضرت سچل سرمست**’“ بزم ثقافت ملتان طرفان سال 1977ع ۾ شايع ٿيو ۽ ڊاڪٽر نسيم اختر جي ترتيب ۽ ڇنڊ ڇاڻ سان ’”**سچل سرمست ڪا سرائڪي ڪلام**’“ سرائڪي ادبي بورڊ طرفان 2011ع ۾ شايع ٿيو ان کان سواءِ قاضي علي اڪبر درازي، سچل سائين جي تصوف بابت نثري تصنيف ”**نڪته تصوف**“ پڻ شايع ڪرائي جنهن بابت محققن ۾ اختلاف موجود آهن.

**ديوان آشڪار:** سچ لسائين جي فارسي غزل جو هي مجموعو پهريون ڀيرو مير علي مراد خان جي ڪوشش سان، ٻيو ڀيرو آغا صوفي ۽ ديوان ولڀداس شڪارپوري جي ڪوشش سان ۽ ٽيون ڀيرو ڪي، ڊيلالا جي سيعي سان1957ع ۾شايع ٿيو.جنهن جو مقدمو مخدوم امير احمد فارسي زبان ۾ لکيو.

**ترجمو**:

سچل سائين جي ڪلام جي ڏيل سهيڙ کان سواءِ سندس ڪلام جا ترجما پڻ پڌرا ٿيا آهن جنهن ۾ مرحوم قاضي علي اڪبر درازي ۽ ڊاڪٽر عطا محمد حامي جو ذڪر نهايت اهم آهي. قاضي علي اڪبر درازي، سچل سائين جي فارسي مثنوين.**عشق نامه ، گداز نامه، درد نامه، تارنامه، رهبر نامه، وصلت نامه، وحدت نامه، راز نامه** ۽.**غزل بحر طويل، ديوان خدائي** ۽ نثري تصنيف **نڪته تصوف**جو اصل متن سنڌي ترجمي سان شايع ڪرايو ، پر ڪٿي به سچل جي فارسي مثنوين توڙي ٻئي مواد جي قلمي نسخن بابت گفتگو نه ڪئي آهي تنهن ڪريُن مواد جي صحت ۽ ترتيب متعلق ڊاڪٽر عطا محمد حامي جا اعتراض پڻ موجود آهن، سچل سائين جي انهن مثنوين جو منظوم سنڌي ترجمو مرحوم عطا محمد حامي مختلف وقتن تي ڪيوجيڪي سمورا ترتيب ڏئي سندس لائق شاگرد پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق ”نينهن جا نعرا“ جي عنوان هيٺ سهيڙي ڪافي پبليڪشن طرفان مارچ 1983ع ۾ پڌرا ڪيا. ڊاڪٽر شوق هن ڪتاب جي شروعات ۾ حامي صاحب جي سال 1964ع ۾ ترتيب ڏنل ڪتاب ”منصور ثاني سچل سرمست“جي مقدمي وارو مواد؛ مقدمي طور شامل ڪيو. ڊاڪٽر حامي جي ڪيل ترجمي کي اڳتي هلي سندس هڪ ٻئي شاگرد قاضي مقصود گل اردو ۾ ترجمو ڪيو جيڪو ”عشق سمندر“ جي عنوان سان سچل چيئر طرفان سال 2003ع ۾ شايع ٿيوته ساڳي وقت ڊاڪٽر حامي توڙي مقصود گل صاحب پنهنجي مثنوين جي اصل فارسي لکت بابت بلڪل خاموش آهن ان کانسواءِ محمد علي حداد پنهنجي ڪتاب ”سچل سرمست ببليو گرافي“ ۾ مثنوي رازنامو، رهبر نامو، گداز نامو، عشق نامو ۽ تارنامو جو فقير هادي بخش جي ڪيل منظوم سنڌي ترجمي جي قلمي نسخن جو ذڪر ڪيو آهي،جڏهن ته ساقي نامه ۽مثنوي گداز نامه،عشق نامه،تارنامه،رهبرنامه ۽ راز نامه جو براهوي ترجمو مولانا عبدالخالق ابابڪي”رموزات عشق“ جي سِري هيٺ ڪيو جيڪو سال 2005ع ۾ سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي

خيرپور طرفان شايع ٿيو، جڏهن ته اُن کان پهرئين سال 1956ع ۾ مثنوي عشق نامه جو انگريزي ترجموSONG OF LOVE جي نالي سان ۽ سال 1967ع ۾ مثنوي گداز نامه جو انگريزي ترجمو THE STORY OF MELTING جي سِري سان تيرٿداس هوتچند ڪري شايع ڪرايون.

سچل سائين جي فارسي ديوان ”ديوان آشڪار“ کي ٻن جلدن ۾ اردو ترجمي سميت قاضي علي اڪبر درازي سال 1982ع ۽ 1983ع ۾ اوقاف کاتي حڪومت سنڌ طرفان شايع ڪرايو جنهن جي شروعات ۾ مختصر طور سچل سائين جي سوانح حيات ڏني وئي آهي.هن ترجمي جو پهريون حصو راقم جي نظرثاني ۽ مقدمي سان گڏ سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي طرفان 2023ع ۾ پڌرو ڪيو ويو آهي.

سچل سائين جي چونڊ سنڌي، سرائڪي ۽ ريخته ڪلام جو اردو ترجمو مانواري آغا سليم ”منتخب ڪلام“ جي عنوان سان اردو ۾ ڪيو جنهن کي سچل چيئرشايع ڪيو جنهن کان بعد ساڳي مترجم جو سچل جي ڪلام جو ڪجھ وڌيڪ حصو سنڌ جي ثقافت کاتي سال 2010ع ۾ ”سچل سچ ہے سارا“ جي نالي سان شايع ڪيو.هن ۾ اردو ترجمي سان گڏ سچل سائين جو اصل ڪلام به ڏنو ويو آهي، ڪن ڪافين کي وائي لکيو ويو آهي ،سچل جي ڪنهن به قلمي توڙي ڇاپي رسالن ۾ وائي نه لکيو ويو آهي.

**سچل جي ڪلام جي لغت نويسي:**

سچل سرمست جي ڪلام جي سهيڙ سان گڏوگڏ سندس ڪلام ۾ استعمال ٿيل قرآن شريف جي آيتن، حديثن ۽ عربي مقولن جي ترجمن سان گڏوگڏ ڏکين لفظن جي معنائن جو ڪم سڀ کان اول آغا صوفي پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب ”سچل سرمست“ ۾ پيش ڪيوجنهن کان پوءِ ٻولي ۽ لغت جي هڪ ٻئي ماهر ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي لغت جي اصولن تحت سچل سائين جي ڪلام جي لغت ”سچل لغات“جي سري هيٺ تيار ڪئي جيڪا سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور 1984ع ۾

پڌري ڪئي.جنهن ۾ الف ب جي پٽيءَ جي 47 اکرن تي رسالي مان لفظ سهيڙيا ويا آهن. پٽيءَ جا جيڪي اکر لغت ۾ شامل نه آهن انهن ۾ ڃ، ڙ، ڳ، ڻ، ۽ ء شامل آهن. ڊاڪٽر سنديلو پنهنجي پاران هن لغت جي متعلق لکي ٿو: ”سچل سرمست جي ڪلام ۾ به، نه رڳو سرزمين سنڌ جا سنڌي ۽ سرائڪي محاورا ۽ لفظ موجود آهن، پر ٿورو پرڀرو بهاولپور، ڊيراغازي خان، ملتان، جهنگ، شاه پور (اوپر پنجاب) وغيره جي ٽَر جا به انيڪ لفظ ۽ محاورا موجود آهن. اسان ڪوشش ڪري هرهڪ لفظ کي، پنهنجي اصليت موجب ڏيکاريو آهي“(سنديلو،1984:ص7). ڊاڪٽر سنديلي هن لغت جي تياري لاءِ 6 ڇاپي رسالا ۽ 4 قلمي نسخا ڪتب آندا آهن جنهن جو ذڪر هن پڻ ڪيو آهي. هن لغت جو نئون ۽ وڌايل ايڊيشن سچل چيئر، شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور طرفان جون 2005ع ۾ شايع ڪيو ويو جنهن جي نظر ثاني جو ڪم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي حوالي ڪيو ويو جنهن هن نئين ايڊيشن ۾ 30 نيون داخلائون پڻ شامل ڪيون.سچل سائين جي ڪلام جي هڪ ٻئي لغت ”لغات سچل سرمست“ ڊاڪٽر بدر ڌامراهي جي تيار ڪيل آهي ،جيڪا روشني پبليڪشن پاران سال 2017ع ۾ شايع ٿي،جنهن ۾ 47 اکرن تي رسالن مان لفظ سهيڙيا ويا آهن. هن لغت جي منفرد ڳالهہ اِها آهي ته فاضل محقق جن ڇاپي رسالن کي بنياد بڻائي هي ڪم مڪمل ڪيو آهي انهن کي خود بہ تسلي بخش نہ ٿو سمجهي، ۽ هن سلسلي ۾ اڳ ٿيل ٻنهي محققن(آغا صوفي، ڊاڪٽر سنديلي) جي ڪم کي غير مستند قرار ڏئي ٿو، تنهن هوندي بہ هن لغت ۾ لفظن جي تعداد اڳ جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي.

**<u>سوانح،شخصيت،فڪر ۽ فن متعلق شايع ٿيل ڪتاب:</u>**

سچل سرمست بابت شايع ٿيل اڪثر ڪتابن ۾ هي ٽئي عنوان گڏ پيش ٿيل آهن تنهن ڪري هتي انهن کي جدا جدا پيش ڪرڻ مشڪل آهي.

**سنڌي ڪتاب**:سونهارو سچل (لالچند امر ڏنو مل )،سچل سرمست (چنمل پرسرام گراجاڻي )، سچل (ڪلياڻ آڏواڻي)، درازن جا درويش( عطا محمد حامي)، ڪاروائي سچل نيشنل سيمينار ( مرتب: حميد آخوند)، سچل جو مڪتب (رشيد ڀٽي)، آري اڇين شال (حميد سنڌي )، شاهه ،سچل ،سامي ( ابراهيم جويو )، سچل سرمست ۽ سندس عشق نامه (فرينچ اسڪالر گرڊ ليوپڪي فرينچ ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڊاڪٽر نبي بخش قاضي ڪيو)، سچل سرمست جي ڪلام ۾ خودي جو تصور(محمد علي حداد)،راڳ،صوفي ۽ سنڌ(تنوير عباسي)،سچل ساجاهه(مهر خادم)،درازن جي دز به جهومي رهي آهي(تاج جويو)،سچل سائين ۽ درازي فيض(اختر درگاهي)، شال نه وسرين تون (ڊاڪٽر نواز علي شوق)، سنڌ جو عطار (ڊاڪٽر نواز علي شوق)، شاهه، سچل ۽ خليفو قاسم (محمد حسين ڪاشف)، سچل سرمست ـ هڪ مطالعو (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو)، سچل سرمست ۽ اتهاسڪ روايتون (ريٽا شهاڻي)، عشق ڪيم اظهار_سچل سرمست (خادم حسين عباسي)، عرفان_ سچل(ڊاڪٽر بشير احمد شاد)، سچل سرمست ۽ ساميءَ جو فلسفو(ڊاڪٽر تهمينه مفتي)،آءَ درازا هل( شيخ اياز: مرتب : تاج جويو)، منصوري جي موج ۾ (مرتب:مدد علي سنڌي)، سنڌ جو سرمست (مرتب: رڪيل مورائي)، سچل جي سيني ۾ سنگرام(ڊاڪٽر ملڪ نديم)،سچل سارو سچ(مرتب: احمد ضياءَ)،ساريم اچ سنگهار(مرتب: سيما)،سچل سرمست جو فڪر( حزب الله آءِ سومرو)،سچل سرمست جي گهڙولي(حزب الله آءِ سومرو)،سچل سرمست تي ببليوگرافي(مرتب: محمد علي حداد)، دلين جا سجدا (سچل سائين ڪي شعر ۾ پيٽا ؛ مرتب؛ الطاف اثيم )،سچل يادگار ڪاميٽي_ تعارف ۽ پسمنظر(قربان منگي )،چاڻ سچل جي (ياسر عبدالغني خاصخيلي، ”ساحل“، حاجي حسين جلباڻي)، سُڌ سچل جي (علي حسن سرڪي)، راقم جا ڪتاب: سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر،سچل ساجاهه شعور، سچل سرمست ـ سچ جو شاعر، سچل سرمست جو

مرثيو،سچل سرمست جي شاعري جو همعصر شاعرن تي اثر، ٿو سچو ڏئي سنپار، ايڊيٽ ۽ مرتب  ڪيل: رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام )، رسالو سچل سرمست (سرائڪي ڪلام)،سچل سرمست جو آفاقي پيغام،سچل سرمست شامل آهن ، ان کان سواءِ قاضي علي اڪبر درازي، سچل سائين بابت سنڌي،اردو ۽ انگريزي ۾  ننڍا ننڍا ڪتابڙا لکيا جن ۾: دولھ درازي، داتا درازي، سخي سرتاج، سچل سرمست شهنشاھ عشق،سرتاج الشعراءِ حضرت سچل سرمست،شاعر هفت زبان فخرِ پاڪستان،مڪمل سوانح حيات سچل سرمست،سداحيات شاعر ۽ ولي الله، دولھ درازي جي دربار جا در، حق جي راھ، سچل سرمست صاحبِ شريعت، سچل سرمست عاشقِ رسول، مختصر سوانح سچل سرمست، فيض فاروقي، ، سوانح حيات ڪوجهي فقير ، ديوان ڪوجهي . اردو:  سچل سرمست عظیم شاعر و مفکر، مختصر سوانح حیات سچل سرمست، سرتاج الشعرا  حضرت سچل سرمست .

English Books: 1.Sachal The Greatest Poet, .2 SachalSarmast,International Poet

**اردو ڪتاب**:سچل سرمست (نسیم امروہی)،سچل سرمست (رشید احمد لاشاری)،سچل سرمست اور خواجه فرید (رشید احمد لاشاري کي کتاب کے ایک باب کو الطاف اثیم نے الگ کتاب مین مرتب کیا۔) **سچل سرمست محبتوں کا** پیامبر (طاھ **ڈاکٹر** طاھر تونسوی) ،**سچل سرمست، تاریخ، تصوف اور شاعری** (مرتب:ڈاکٹر نواز علی شوق) ،شھیدِ حق (حضرت حسین بن منصور) ،سچل سرمست اور ان کے تعلیمی نظریات (پروفیسر ابراھیم خلیل نقوی)

English Books:1. The Voice From The Wildernes (T.L.Vasvani, Edited by: DrSakhaiQabool M) 2. Mysiticism, Sindh and SachalSarmast (compiled by: AyazGul), 3.

Shah, Sachal , Sami( Ibrahim Joyo), 4. Sachal: The Rapturous Poet (Compiled by:Aga Saleem)

**سچل سرمست جي سلسلي جي شاعرن جي ڪلام جي سهيڙ ۽ سندن سوانح ،فڪر ۽ فن بابت تحقيق :** ڪوجهي جو ڪلام(مرتب:ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو)،سچل سرمست جا طالب (ڊاڪٽر نواز علي شوق)،ڪلام فقير عبدالله ڪاتيار (ڊاڪٽر نواز علي شوق)،فقير غلام حيدر گودڙي جو رسالو (مرتب:الطاف اثيم)،ڪريم ڏني جو ڪلام(مرتب:الطاف اثيم).

**پي ايچ ڊي،ايم فل ۽ بي ايس /ايم آي لاءِ لکيل تحقيقي مقالا:**

**پي_ايچ_ڊي جا مقالا:**1.سچل سرمست جي شاعري،ملڪ نديم(شاهه عبداللطيف يونيورسٽي،خيرپو)(اڻڇپيل)، Study Of MysticismIn Darazi School Of Sufi Thought،سخي قبول محمد ،(شاهه عباللطيف يونيورسٽي،خيرپو، )(هي ٿيسز اول آڪسفورڊ پريس طرفان شايع ٿي ۽ پيو ڇپرو ثقافت کاتي حڪومت سنڌ طرفان 2009 ۾ شايع ٿي.)،3 . شاهه ۽ سچل جو تقابلي اڀياس، ٻلديو بختراءِ مٽلاڻي،( يونيورسٽي، آف ممبئي ، انڊيا)(ممبئي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي پاران سال 2002ع ۾ شايع ٿي.)،4 . سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر،رشدالله شاهه(مخمور بخاري)،(ڪراچي يونيورسٽي،2008ع)(ثقافت کاتي حڪومت سنڌ طرفان سال 2011ع ۾ شايع ٿي ۽ اُن جو ٻيو ڇاپو ڀيڪاڪ پبلشرس ڪراچي طرفان 2023 ع ۾ پڌرو ٿيو.) سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ انسان شناسيءَ واريون ڪيفتيون _تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو ، رحيم بخش مهر ”خادم“(سنڌي شعبو،شاهه عبداللطيف يونيورسٽي،خيرپور) ( ثقافت کاتي حڪومت سنڌ طرفان سال 2016ع ۾ شايع ٿي جنهن کي راقم ايڊٽ ڪيو جنهن جو ذڪر مانواري محقق ڪٿي به نه ڪيو آهي.)

**ايم فل جا مقالا:** 1. سچل جون واديون،ٻلديو مٽلاڻي(يونيورسٽي آف ممبئي،انڊيا1985ع)( هي ٿيسز سال 1991ع ۾ انڊيا مان ۽ 1994 ع ۾ سنڌ مان ڪتابي صورت ۾ شايع

ٿي.) - 2-سچل سرمست اور ان کی اردو شاعری، موہن لعل پریمی (علامہ اقبال اوپن یونیورسٹی اسلام آباد )(هي ٿيسز مقتدره قومي زبان اسلام آباد طرفان 2004ع ۾ شايع ٿي.)3.سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري جو جائزو،انور پرديسي. 4.شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي سنڌي عڪسي شاعريءَ جو تقابلي جائزو، اختيار سولنگي(شاهه عبداللطيف يونيورسٽي،خيرپور). 5.سچل سرمست تي هندو اديبن جي ڪيل ڪم جو تحقيقي جائزو،پارس گل (شاهه عبداللطيف يونيورسٽي،خيرپور).6. سچل سرمست جي سنڌي شاعريءَ ۾ استعارن ۽ تشبيهن جو اڀياس،نديم ڪٿوهر(شاهه عبداللطيف يونيورسٽي،خيرپور).7. شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جي ڪلام ۾ عورت ڪردارن جو تقابلي جائزو،مرڪ ڪورائي( سنڌ يونيورسٽي ،ڄامشورو) 8. سچل چيئر ۾ ٿيل سچل شناسي تي ڪم جو تحقيقي اڀياس،زين العابدين لغاري ( سنڌ يونيورسٽي ،ڄامشورو)

**بي ايس/ايم آي جا مقالا:** 1.سچل سرمست جي سُر مارئي جو تحقيق اڀياس:پرديپ سوٿهر(سنڌ يونيورسٽي،ڄامشورو)2. شاهه ۽ سچل سرمست جي شاعري ۾ مارواڙي لفظن جو استعمال:هيمراج (سنڌ يونيورسٽي،ڄامشورو).

**<u>سچل شناسي جي ڦهلاءَ لاءِ جوڙيل ادرا:</u>**

**سچل يادگار ڪاميٽي خيرپور:** هن اداري جو بنياد در حقيقت سال 1959 ع ۾ "سچل اڪيڊمي" جي نالي سان پيو جنهن لاءِ ناميارو ڪهاڻيڪار جمال ابڙي ڪوششون ورتيون،شروعات ۾ هن اداري جي مقصدن ۾ : سچل سائينءَ جي ڪلام کي گڏ ڪري شايع ڪرائڻ ،ان جا ترجما ڪرائي سندس پيغام کي عام ڪرڻ ۽ ميلي جي موقعي تي ادبي مجلس ۽ راڳ جون محفلون منعقد ڪرائڻ شامل هئا، بعد ۾ هن جو نالو تبديل ڪري "سچل ڪو آپريٽو اڪيڊمي لميٽيڊ" رڪيو ويو، جنهن ڪان

پوءِ هن جي مقصدن ۾ : سچل ثقافتي مرڪز قائم ڪرڻ : الف: سچل لائبريري جو قيام،ب : "سرمست" رسالو شايع ڪرڻ، ج: سچل جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ راڳ ۽ ادبي محفلن سان گڏوگڏ ڊراما پڻ پيش ڪرڻ شامل ڪيو ويو. سال 1970ع ۾ هن اداري کي مڪمل طور سرڪاري سرپرستي هيٺ آڻيندي "سچل يادگار ڪاميٽي" بڻايو ويو جنهن جو صدر ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر مقرر ڪيو ويو.

هي ادارو قائم ٿيڻ کان وٺي سچل سائين جي ميلي جون تقريبون منعقد ڪرائيندو اچي ٿو. ابتدائي ڪجھ سال "سچل ادبي ڪانفرنس" به يادگار ڪاميٽي طرفانٿيندي رهي پر هاڻ اُها سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي طرفان هر سال ميلي جي موقعي تي منعقد ٿيندي آهي.1980ع کان ڪانفرنس ۾ پيش ڪيل مقالا ۽ شعر "سرمست" جي سري هيٺ ايندڙ سال شايع ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو جيڪو اڄ تائين جاري آهي.سرمست جو 1981ع ۾ پهريون شمارو شايع ٿيو ۽ هن وقت تائين ايڪيتاليهون شمارو شايع ٿي چڪو آهي، ڪرونا جي بيماري سبب به سال "سچل ادبي ڪانفرنس" سال 2020ع ۽ 2021ع ۾ نه ٿيڻ سبب "سرمست" به شايع نه ٿي سگهيو. سال 1991ع کان يادگار ڪميٽي طرفان "سچل سووينئر" شايع ڪرائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو جنهن جو ٻٽيهون شمارو هن سال 2023ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي.

سچل يادگار ڪاميٽي سال 1981ع ۾ سچل شناسي جي حوالي سان تحقيق،راڳ جي شعبن ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙن کي گولڊ ۽ سلور ميڊل ڏنا،جنهن کان پوءِ 1991ع کان هر سال سچل شناسي جي حوالي سان تحقيق، شاعري،راڳ، مصور،سگهڙ، ميلي ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ملھ ۽ ڪارڪنن کي "سچل ايوارڊ" ڏيندي رهي ٿي، جڏهن ته مختلف شعبن ۾ سچل شناسي جي لاءِ پاڻ پتوريندڙ شخصيتن کي مچتا ايوارڊ به ڏنا وين ٿا.

”سرمست“ جا ابتدائي سرورق عبداللطيف انصاري،پروفيسر علي نواز ڦلپوٽي، قيوم منگي ۽ فتاح منگي ٺاهيا جڏهن ته 2001ع کان هن وقت تائين جا سرورق پروفيسر سعيد منگي ٺاهيندو رهيو آهي، ساڳي وقت ”سچل سووينئر“ جا نمبر 3 ۽ 6 جي؛ باقي سمورا سرورق پروفيسر سعيد منگي جا ٺاهيل آهن،ٻن شمارن جا سرورق عبدالمجيد منگي جا ٺاهيل آهن.هن يادگار ڪاميٽي جو لوگو غلام نبي فاروقي جو جوڙيل آهي، جنهن کي ٿوري گهڻي ڦير گهير سان ”سچل ايوارڊ“جوڙيو ويو جيڪو سعيد منگي جو ڪيل ڪم آهي،ساڳي وقت ميلي جو دعوتنامو قيوم منگي،عبداللطيف انصاري،فتاح منگي ۽ سعيد منگي ٺاهيندا رهيا آهن. سچل سائين جي هنن مصورن هن سموري ڪم جو ڪڏهن به معاوضو نه ورتو آهي.

سچل سرمست جي ميلي جي هنن تقريبن جا حقيقي روح روان جمال ابڙو،غلام محمد ميمڻ،ڊاڪٽر تنوير عباسي، محمد علي حداد،مولا بخش لاڙڪ۽ قربان منگي رهيا آهن.

**سچل چيئر _شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور** : سچل سائين جي سوانح ،شخصيت، فڪر،فن جي ڦهلاءَ لاءِ هي ادارو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ 30 جون 1988ع تي قائم ڪيو ويو جنهن جا بنيادي مقصد هي هئا: سچل سرمست جي مڙني ٻولين ۾ ڪيل شاعري جا معياري متن تيار ڪري انهن کي شايع ڪرائڻ. سچل سرمست جي زندگي، فن ۽ فڪر تي مختلف تحقيقي جرنل شايع ڪرڻ. سچل سرمست جي شاعري تي فارسي شاعرن حافظ، عطار، رومي جي اثر کي ظاهر ڪرڻ ۽ سنڌي شاعر جهڙوڪ: شاهه عبداللطيف، اردو شاعر ولي دکني ۽ ٻين جو سچل سرمست تي اثر سچل سرمست جي شاعريءَ جو پوين شاعرن جهڙوڪ: بيدل، حمل، نانڪ، خوش خير محمد هيسباڻي ۽ ٻين تي ظاهر ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻڻ. سچل سرمست جي زندگي، فن ۽ فڪر تي مختلف پارڪن ۽ اسڪالرن کان ليڪچر ڪرائڻ وغيره. سچل سرمست ۽ سندس همعصر شاعرن جي شاعري جو تقابلي جائزو وٺڻ. سچل سرمست جي

ٻالڪن/ طالب شاعرن جي شاعري جو اپياس ڪرڻ. سچل سرمست جي ڪلام جون آڊيو ۽ ويڊيو ڪيسٽون ۽ آڊيو وڊيو لائبريري قائم ڪرڻ ۽ ڪتابن جي لائبريري قائم ڪرڻ. سچل سرمست جي حوالي سان انسائيڪلوپيڊيا جي ترتيب عمل ۾ آڻڻ، سچل سرمست جي مختلف ٻولين سنڌي، سرائڪي، فارسي، اردو جي لغت تيارڪرڻ. سچل سرمست جي زندگي تي تحقيق ڪري ان جي زندگي دوران سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن بابت تحقيق ڪرڻ. سچل سرمست تي تحقيق ڪندڙ اسڪالرن کي ايوارڊ ڏيڻ ۽ سچل سرمست تي ڪم ڪندڙ اسڪالرن جو مواد گڏ ڪرڻ، سچل جي ڳائيندڙن جا خاڪا ۽ سچل بابت ٿيل ڪمن جو رڪارڊ محفوظ ڪرڻ. سچل سرمست تي ٿيل ٽي وي پروگرامن جي رڪاڊنگ محفوظ ڪرڻ ۽ سماع کي فروغ ڏيڻ. سچل سرمست جي ڳايل ڪافين کي محفوظ ڪرڻ وغيره.

چيئر پنهجي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ لائبرري، ميوزم جي قيام سان گڏوگڏ15 کن سنڌي،اردو،انگزي ۾ ڪتاب شايع ڪراڻ ڪان سواءِ "آشڪار" نالي سان تحقيقي جرنل پڻ شايع ڪرائي ٿي جنهن جا هن وقت تائين 10 شمارا شايع ٿي چڪا آهن.چيئر هن وقت تائين سچل سرمست جي حوالي سان ڪانفرنسون پڻ منعقد ڪرائي چڪي آهي.

سچل شناسي جي حوالي سان جڙيل هنن ادارن ڪان سواءِ سنڌ جو ثقافت ڪاتوگذريل ڪجهسالن ڪان سچل سائين جي ميلي تي ٿيندر ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعري جي نشت درازا ڪامپليڪس،دازا ۾ منعقد ڪرائي ٿو.ان ڪان سواءِ سنڌ جو اطلاعات ڪاتو هر سال خاص نمبر پڻ شايع ڪري ٿو.جڏهن ته سندس ئي ڪاتي پاران جاري ٿيندڙ ادبي رسالي ماهوار پيغام جا سال 1979ع،جنوري_فيبروري 2000 ع ۽فيبروري 2005 ع ۾ خاص نمبر جاري ٿيا ،ان ڪان سواءِ به ماهوار پيغام،نئين زندگي، سوجهرو، ٽه ماهي مهراڻ جي مختلف شمارن ۾ سچل ۽ ان جي فڪر،فن جي حوالي سان مقالا،مضمون شايع ٿيندا رهن ٿا

،ان سان گڏوگڏ مختلف سنڌي اخبارون ميلي جي موقعي تي خاص اشاعت پڻ جاري ڪن ٿيون. ڪرونا جي وچڙندڙ بيماري سبب سال 2020 ع ۾ سارانگا ادبي سوسائٽي ۽ سال 2021ع ۾ اڪيڊمي آف ليٽرس ،ميلي جي موقعي تي ملڪي سطح جي آنلائين "سچل سرمست ادبي ڪانفرنس" ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي 2021ع ۾ سچل جو آنلائين ميلو منعقد ڪيو جنهن ۾ لڳ ڀڳ ٻن ڪلاڪن جو "سچل ادبي مذاڪرو" ۽ راڳ جي محفل رچائي وئي.

**سچل سرمست جي نالي سان منسوب علمي ،ادبي ادرا:**

**سچل اڪيڊمي خيرپور :**

مارچ 1982 ۾ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور طرفان ٻه ڏينهن جو "سچل نيشنل سيمينار" خيرپور ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن کان پوءِ 1984ع ۾ خيرپور ۾ سچل اڪيڊمي قائم ڪئي وئي هن اداري ۾ لائبرري ۽ علمي ادبي پروگرامن لاءِ آڊيٽوريم جوڙايو ويو.سال 1990ع کان 2006ع تائين سچل سرمست جي ميلي جي موقعي تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعرو هن ئي اداري جي آڊيٽوريم ۾ منعقد ڪيو ويندو هو.

**سچل سرمست پبلڪ لائبرري ،خيرپور.**

**سچل سرمست ڊگري ڪاليج، راڻيپور.**

**سچل سرمست آرٽس ڪاليج، حيدآباد.**

**سچل سرمست ڪامرس ڪاليج، حيدرآباد.**

**درازا ڪامپليڪس،درازا.**

**سچل ادبي مرڪز ،لاڙڪاڻو.**

**پڄاڻي:**

سچل سرمست سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جو اهم شاعر آهي،هِن جي ڪلام جي سهيڙ جو ڪم سندس حياتي ۾ 1240ه/1824ع کان سندس چوڻ تي شروع ٿيو ساڳي وقت 1883ع کان سندن ڪلام جي شايع ٿيڻ جو سلسلو شروع ٿيو.هن وقت تائين لڳ ڀڳ ويهہ ڪن محققن سچل جي ڪلام جي

ترتيب جو ڪم ڪيو آهي، ساڳي وقت سندن سوانح،فڪر ۽ فن تي تحقيق جو ڪم سال 1902ع کان شروع ٿيو، اُن کان سواءِ سرمست سائين بابت پي ايچ ڊي، ايم_ فل، بي ايس جا به تحقيقي مقالا پڻ لکيا ويا آهن.

سچل سرمست متعلق شايع ٿيل مواد جي باوجود اُن جي سنڌي،سرائڪي، فارسي ڪلام جي مستند نسخي ۽ ترجمي ۽ شرح جي کوٽ موجود آهي.

## حوالا

بيگ،علي قلي، مرزا،(1902)، ’رسالو سچل سائين جو‘، سکر سنڌ: هريسنگھ سنس ڪتبخانه ڇاپخانه.
هيمراج، در محمد،(1910)، داستان وڏو_رسالو سچل سائين جو، شڪارپور سنڌ: پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب.
صوفي، غلام نبي،آغا، (2015)، ’سچل سرمست‘، ڪراچي سنڌ: ثقافت کاتو،حڪومت سنڌ
حامي،عطا محمد،(2013))، ’سچل جو آفاقي پيغام‘ ڄامشورو سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ،
سنديلو،عبدالڪريم، (1985)، ’سچل لغات‘، خيرپور سنڌ: سچل يادگار ڪاميٽي.